# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1974
# اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي ڇهين شيڊول جي ترميم
Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1974
# اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[4 سيپٽمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، ڇهين شيڊول جي آخر ۾ ايندڙ نوٽ کي "نوٽ 1" طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو، پوءِ هيٺين ريت نوٽ 2 جو اضافو ڪيو ويندو:

"نوٽ: 2. ڪراچي ضلعي جي صورت ۾ جڏهن نوٽ 1 تحت "A" کان "Z" تائين سموري سيريز ختم ڪئي وئي آهي، اڪرن جو نئون گروهه هيٺين ترتيب ۾ رجسٽريشن مارڪ طور استعمال ڪيو ويندو:

نجي ڪارن لاءِ KCC

جيپ لاءِ KCJ

اسٽيشن ويگنس ۽ ٻين ساڳئي قسم جي گاڏين لاءِ KCS

بسن لاءِ KCB

ٽرڪن لاءِ KCT

ٽيڪسن لاءِ KCX

اسڪوٽرن ۽ موٽر سائيڪلن لاءِ KCY

موٽر سائيڪل رڪشن لاءِ KCR

مختلف گاڏين (ٽرڪٽرن/ڪرينس) لاءِ KCM

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**

commencement

1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي ڇهين شيڊول جي ترميم

Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965